

امیر اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي

# علماء سان محبت

26ve Ramadan ul Mubarak 1446H

يومِ وِلادتِ امير اهلسنت جي

اجتماع جو بيان

(For Islamic Brothers)

## يوم ولادتِ امير اهلسنت جي اجتماع جو بيان

## (26 مارچ، 2025ء/ رمضان شريف 1446ھ جي 26 وين رات

## (اربع ۽ خميس جي وچين رات))

# امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه جي علماء سان محبت

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ✿...علماء جي محبت ...!! ڀلائيءَ جي علامت
- ✿...قابلِ رشڪ ماڻهو
- ✿... محمود غزنوي تي ڪرم ٿي ويو
- ✿... علماء سان محبت ڪيئن حاصل ٿئي؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اِنِّيْ رَاَيْتُ الْبَارِحَةَ عَجَبًا وَرَاَيْتُ رَجُلًا مِنْ اُمَّتِيْ يَزْحَفُ عَلَى الصِّرَاطِ مَرَّةً وَيَجْثُوْ مَرَّةً فَجَاءَتْهُ صَلَاتُهُ عَلَيَّ فَاَخَذَتْ بِيَدِهٖ فَاَقَامَتْهُ عَلَى الصِّرَاطِ حَتّٰى جَاوَزَ۔ [1]

ترجمو: مون گذريل رات هڪ عجيب واقعو ڏٺو: منهنجو هڪ امتي پلصراط تي ڪڏهن ريڙهيون پائي ته ڪڏهن گوڏن ڀر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اهو درود آيو جيڪو هن مون تي پڙهيو هو، درود پاڪ سندس هٿ پڪڙي کيس اٿاري بيهاريو ايسيتائين جو ان پل صراط کي پار ڪري ورتو.

شرح حديث: درود پاڪ ان کي پل صراط پار ڪرائي جنت ۾ وني ويو.[2]

سَلِّمْ! سَلِّمْ! کی ڈھارس سے پُل پر ہم کو چلاتے یہ ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… معجم ڪبير، جلد: 25، صفحه: 282 ، حديث : 39 ملتقطاً، مطبوعه قاهره۔

[2]… التيسير بشرح جامع الصغير، جلد:1 ، صفحه: 370 ۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي :اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.(1)

**اي عاشقانِ رسول!** سني نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون تا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# امير اهلسنت جي علماء سان محبت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پندرهين صديءَ جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، شيخ طريقت، امير اهل سنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علماءِ ڪرام سان تمام گهڻي محبت آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علماء سان محبت جو اهو عالَم آهي جو پاڻ فرمائن ٿا: الله پاڪ جو قسم انهن کان سواءِ اسان ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهيون، انهن جي قدمن ۾ پيا هونداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! نجات جو ڪو ذريعو بڻجي ويندو.[2] وڌيڪ فرمائن ٿا: علماء کي اسان جي نہ، پر اسان کي علماء جي ضرورت آهي، بلڪ پنهنجن متعلقين کي نصيحت ڪندي فرمايائون: **علماء جي قدمن کان پري ٿيا تہ ڀٽڪي ويندؤ.**[3]

---

1... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

[2] امیر اہلسنت کی دینی خدمات، صفحہ:324-

[3] امیر اہلسنت کی دینی خدمات، صفحہ:324-

ہم کو اے عطار سنی عالموں سے پیار ہے | اِنْ شَآءَ اللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

ان جو کهڙو سبب آهي جو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علماءِ ڪرام سان ايتري قدر محبت فرمائن ٿا ۽ انهن جي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ جو ايتري حد تائين حڪم ڏين ٿا ...؟ ان ڪري جو: ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا حقيقي وارث ۽ جانشين آهن، (پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ يعني بيشڪ عالم ئي نبين جا وارث آهن.[1]
۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي ماڻهن کي دين اسلام ڏانهن راغب ڪندا آهن
۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي مسلمانن جي عقيدن جي حفاظت ڪندا آهن ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي صحيح معنيٰ ۾ الله پاڪ ۽ سندس حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڃاڻپ ڪرائيندا آهن ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي صحابهءِ ڪرام جو ادب سيکاريندا آهن ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي اهل بيت سان محبت جو درس ڏيندا آهن ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي مسئلن جو شرعي حل ڪيندا آهن ۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي طهارت ۽ نجاست جا مسئلا ٻڌائيندا آهن
۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي پاڪي ۽ پليديءَ جو فرق سمجهائيندا آهن
۞ اهي علماء ئي آهن جيڪي غسل، ڪفن ۽ تدفين جا مسئلا سيکاريندا آهن
۞ مدرسن ۽ جامعات، مسجدن کي هلائڻ وارا علماء ئي آهن.) اهو ئي سبب آهي جو آئون نه رڳو پاڻ علماءِ ڪرام جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندو آهيان، پر ٻين کي به ان جي تلقين ڪندو آهيان.[2]

ہم کو اے عطار سنی عالموں سے پیار ہے | اِنْ شَآءَ اللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

## امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر تعارف

الله اڪبر..!! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي امير اهلسُنت جو؟ الله پاڪ

1... ابن ماجہ،مقدمہ،صفحہ:49، حدیث: 223۔
2 امیر اہلسنت کی دینی خدمات، صفحہ:323-324 بتصرف۔

اسان تي سندن سايو تادير قائم رکي. اچو تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر تعارف پڙهون ٿا:

پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ولادت باسعادت 26 رمضان شريف 1369 ھ بمطابق 12 جولاءِ 1950ع اربع جي ڏينهن پاڪستان جي مشهور شهر ڪراچي ۾ مغرب کان ٿورو پهريان ٿي ۞ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ننڍپڻ کان ئي سادي طبيعت جا مالڪ آهن، نہ ڪنهن کي برو چوندا آهن ۽ نہ ئي جهيڙو ڪندا آهن ۞ ديني رجحان جي ڪري جوانيءَ ۾ ئي علم دين جي زيور سان آراستہ ٿي چڪا هئا. پاڻ علم حاصل ڪرڻ جي ذريعن مان ڪتاب پڙهڻ ۽ علماءِ ڪرام جي صحبت ۾ رهڻ کي اختيار ڪيائون، ان سلسلي ۾ پاڻ مسلسل 22 سال مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مفتي وقار الدين قادري رضوي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي صحبت بابرڪت ۾ حاضر رهيا ۞ مفتي وقار الدين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه ۽ شارح بخاري مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه کين خلافت عطا ڪئي آهي ۞ سيپٽمبر 1981ع ۾ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عاشقان رسول جي ديني تنظيم **دعوت اسلامي** جو آغاز فرمايو، جيتوڻيڪ پاڻ ان کان پهريان بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، پر جڏهن کان دعوت اسلامي جو باقاعده آغاز ٿيو تڏهن کان امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو باقاعده سلسلو شروع فرمايو ۞ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هي مدني مقصد اختيار ڪيو تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** پوءِ هن مدني مقصد کي ڪٺي پاڻ نہ ڏينهن ڏٺائون نہ رات، مسلسل ڪوشش ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، تان جو الله پاڪ جي ڪرم، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر عنايت ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جي فيضان سان دعوت اسلامي جو ديني پيغام سڄي دنيا ۾ عام ٿي ويو ۞ پاڻ پري پري تائين سفر ڪندا هئا ۞ هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيترائي بيان ڪندا هئا ۞ مسجد مسجد، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر تشريف

ونيي ويندا هئا ۞ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ۞ ڪٿي فوتگي ٿي ويندي هئي تہ مسلمانن جي غمگساري، دلجوئي ۽ خيرخواهي جي جذبي تحت پنهنجن هٿن سان ميت کي غسل ڏيندا، ڪفن پارائيندا ۽ نمازِ جنازه پڙهائيندا هئا ۞ غمي ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مسلمانن جي دلجوئي اهڙي طرح فرمائيندا هئا جو اهي بہ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ لاءِ اوهان جا شريڪِ سفر ٿي ويندا هئا

سندن مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ ۞ جيڪي بي نمازي هئا، اهي نمازي بڻجي ويا، بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا ۞ بدنگاهي ڪرڻ وارا حيادار بڻجي ويا ۞ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارا ادب ڪرڻ وارا بڻجي ويا ۞ چور ۽ ڌاڙيل آيا، توبهہ تائب ٿيا، چوري ۽ ڌاڙا ڇڏي معاشري جا شريف انسان بڻجي ويا ۞ حسد جي باهہ ۾ سڙڻ وارا شڪرگذار ۽ خيرخواهہ بڻجي ويا ۞ فلمن ۽ گانن جا شوقين نعت مصطفيٰ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا ۞ دنيا جي گندي گناهن پريي عشق ۾ مبتلا ماڻهو، پياري مصطفيٰ، مکي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جا ديوانا بڻجي ويا ۞ مال ۽ دولت جي پويان ڊوڙڻ وارا الله جي رضا جا طلبگار بڻجي ويا ۞ شرابي آيا، توبهہ ڪري پاڪيزه انسان بڻجي ويا ۞ غافل آيا، عبادت گذار بڻجي ويا ۞ ڀٽڪيلن کي سڌو رستو ملي ويو ۞ هزارين ڪافرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي. اهڙي طرح هڪ هڪ بہ بہ ايندا ويا، نيڪي جي دعوت جي هن سفر ۾ اوهان سان گڏ شامل ٿيندا ويا، قافلو وڌندو ويو ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! نيڪي جي دعوت جو هي ديني پيغام سموري دنيا ۾ پهچي ويو.

اے امیرِ اہلسنت تیری شوکت زندہ باد
تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اشاعت زندہ باد
تیرے دم سے آئی وہ دین و شریعت کی بہار

اعلیٰ حضرت زندہ اور صدرِ شریعت زندہ باد
تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سعید
نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد
گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب
عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سُنَّت زندہ باد (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عالم جي محبت دين آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ امير اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي علماءِ ڪرام سان ڪيتري قدر محبت آهي اسان کي بہ گهرجي تہ علماءِ ڪرام سان محبت ڪيون، انهن جي عزت ۽ تعظيم ڪيون، ڇوتہ انهن سان محبت جي ڪري ماڻهو دين جي ويجهو ٿي ويندو آهي، اهلِ علم سان محبت جي ڪري ئي هو انهن جي مجلسن ۾ شرڪت ڪرڻ جو عادي ٿي ويندو آهي، جنهن جي برڪت ايئن ظاهر ٿيندي آهي جو دين جي سمجهہ اچڻ شروع ٿيندي آهي ۽ ٻانهو نيڪ نمازي بڻجي ويندو آهي.

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو فرمان آهي: مَحَبَّةُ الْعَالِمِ دِيْنٌ يُدَانُ بِه يعني عالم سان محبت دين آهي ۽ اها محبت ٻانهي کي دين جي ويجهو آڻيندي آهي. (2)

## هلاڪت جو هڪ سبب

اي علماءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ وارو...! اهلِ علم سان محبت ۾ ئي دين ۽

1…مناقب عطار، صفحہ:15-16۔

2… الجليس الصالح الكافي والأنيس الناصح الشافيص584):۔

دنيا جي پلائي آهي، جيڪڏهن اسان انهن سان محبت ڪنداسين، انهن جي ويجهو رهنداسين تہ شيطان ۽ ان جي چالن کان خبردار رهنداسين، پر جيڪڏهن اسان اهل علم جو دامن ڇڏي ڏنو تہ هلاڪ ٿي وينداسين ۽ ان هلاڪت جو نقصان اسان کي دين ۽ دنيا ٻنهي ۾ ڪٽڻو پوندو.

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان منقول آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ۞ پاڻ عالم ٿيو۞ يا وري طالب علم ٿيو۞ انهن سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃو۞ يا انهن جا پيروڪار بڻجي وڃو. **پنجون نہ ٿجو، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ.** حضرت حسن رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جن هيءَ ڳالهہ بيان ڪئي آهي، انهن کان پڇيو ويو تہ هلاڪ ٿيڻ وارو ڪير آهي؟ تہ پاڻ فرمايائون: اهو بدعتي آهي.[1]

معلوم ٿيو تہ جيڪو اهلِ علم سان بغض جي سبب محبت نہ ٿو رکي اهو بدعتي آهي ۽ بدعتي شخص کي الله پاڪ ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيندو. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِیْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَیَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُفْتَرِیْنَ ﴿۱۵۲﴾ (پاره:9، سورة اعراف:152) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اهي ماڻهو جن ڳابي کي (معبود) بڻايو عنقريب انهن کي دنيا جي زندگي ۾ سندن رب جو غضب ۽ ذلت پهچندي ۽ اسان بهتان هڻڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون |

**تفسير صراط الجنان ۾ آهي:** حضرت سفيان بن عيينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هيءَ سزا قيامت تائين اچڻ واري هر بدعتي جي باري ۾ آهي. حضرت مالڪ بن انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هر بدعتي پنهنجي مٿان ذلت ڪٽندو ۽ پوءِ اها ئي آيت تلاوت فرمايائون.[2]

---

1...المدخل الى سنن الكبرى، 381 رقم:۔

2...صراط الجنان، پاره:9، سورة اعراف، زيرِ آيت:152، جلد: 3، صفحہ:439۔

محفوظ سدا رکھنا شہا بے ادبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علماء جي محبت...!! ڀلائيءَ جي علامت...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علماءِ ڪرام سان محبت جي ڇا ڳالھ ڪجي پاڻ فرمائن ٿا: ۞ عالمِ دين لاءِ منھنجي دل ۾ محبت ۽ مانُ آهي۞ الله پاڪ توفيق ڏئي تہ اسان پاڻ عالم بڻجي وڃون جي نہ تہ انهن سان محبت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

ياد رکو! سني عالمن سان محبت خير ۽ ڀلائي جي نشاني آهي. حضرت امام قُتَيْبَه بن سَعِيد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اِذَا رَاَيْتَ الرَّجُلَ يُحِبُّ اَحْمَدَ بْنِ حَنْبَلٍ فَاعْلَمْ اَنَّهٗ صَاحِبُ سُنَّةٍ وَجَمَاعَةٍ يعني جڏهن تون ڪنهن اهڙي شخص کي ڏسين جيڪو امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان محبت رکڻ وارو آهي تہ ڄاڻي وٺ تہ اهو اهلِ سنت و جماعت مان آهي.[1]

الله! الله! ڇا شان آهي عالمن جي جو جيڪو انهن سان محبت ڪندو آهي، اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. هڪ شخص کي سندس وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ الله پاڪ توسان ڪھڙو معاملو فرمايو؟ هن جواب ڏنو: الله پاڪ مون کي بخشيو. پڇيو ويو : ڪھڙي سبب الله پاڪ توکي بخشيو؟ هن چيو: حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان محبت جي ڪري!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امير اهلسنت جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان محبت

---

1...الجرح و التعديل، 308/1۔

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هونئن ته هر عاشقِ رسول عالم سان محبت فرمائيندا آهن، پر اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان سندن محبت ڏسڻ وٽان آهي.

پاڻ فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلِلّٰه! ننڍپڻ کان ئي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سڃاڻپ ٿي چڪي هئي. پوءِ جيئن جيئن شعور ايندو ويو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي محبت دل ۾ گهر ڪندي وئي. آئون بنا خوفِ ترديد جي چوان ٿو ته الله پاڪ جي سڃاڻپ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي ٿي ۽ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڃاڻپ امام احمد رضا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪري نصيب ٿي.[1]

اعلیٰ حضرت سے ہمیں تو پیارا ہے | ان شاء اللہ اپنا بیڑا پار ہے

## الله پاڪ علم وارن کي محبوب رکندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بلڪ هر عاشق رسول عالم سان محبت هجڻ گهرجي ۽ هجي به ڇو نه...!! جڏهن ته الله پاڪ انهن کي محبوب رکندو آهي. روايت ۾ اچي ٿو: الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي ته اي ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَام)! اَنِّيْ عَلِيمٌ اُحِبُّ كُلَّ عَلِيم يعني علم منهنجي صفت آهي ۽ مان هر علم واري سان محبت ڪندو آهيان. [(2)]

## قابلِ رَشڪ ماڻهو

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! علماءِ ڪرام جي محبت جي به ڇا ڳالهه آهي ...!! هيءَ اها پاڪ محبت آهي جيڪا اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! جنت ۾ وني وڃڻ جو ذريعو بڻجي ويندي. جي ها! اها سچي ڳالهه آهي، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن

---

1 تعارف امير اہلسنت، صفحہ:61-61۔

2...جامع بيان العلم و فضله، 218/1۔

ٽا: هڪ ڀيرو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: مَتَى السَّاعَةُ؟ يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت ڪڏهن ايندي؟ (يقيناً اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جو علم رکندا آهن، ڪين خبر هئي ته قيامت ڪڏهن ايندي، تڏهن ئي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جون نشانيون بيان فرمايون آهن، قيامت ڪهڙي ڏينهن ايندي، اهو به ٻڌايائون، ڪهڙي تاريخ تي ايندي، اهو به ٻڌايائون. ها! صرف سال نه ٻڌايائون، ڇاڪاڻ ته سال ٻڌائڻ جي اجازت نه هئي، تنهنڪري جڏهن صحابيءِ رسول رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پڇيو ته قيامت ڪڏهن ايندي؟ ته) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو جواب ڏيڻ بدران دريافت فرمايو: وَمَاذَا اَعْدَدْتَ لَهَا؟ يعني تو قيامت لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟

(صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان يقيناً نمازون به پڙهندا هئا، تلاوت به ڪندا هئا، روزا به رکندا هئا، نيڪين تي نيڪيون به ڪندا هئا، پر صحابيءِ رسول رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مبارڪ انداز ڏسو، هنن ڪنهن به نيڪي تي ڀروسو نه ڪيو، بلڪ عاجزي ڪندي) عرض ڪيائون: لَاشَيْءَ يعني يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان ڪا تياري نه ڪري سگهيو آهيان (نمازون ته آهن، نيڪيون ته آهن، پر انهن تي ڀروسو ناهي، الله پاڪ چاهي ته قبول ڪري، نه چاهي ته قبول نه ڪري) اِلَّا اَنِّيْ اُحِبُّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ (البته مون وٽ هڪ دولت آهي ۽ قيامت لاءِ مون وٽ اهو ئي هڪ سهارو آهي ۽ اهو هي ته) مان الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪندو آهيان.

رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻڌي فرمايو: اَنْتَ مَعَ مَنْ اَحْبَبْتَ يعني تون جنهن سان محبت ڪندو آهين، قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ هوندين. [1]

---

1...بخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب مناقب عمر بن الخطاب...الخ،صفحہ:934 ،حدیث:3688۔

پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا؟ | میں یہ کہوں گا، نامِ محمدؐ(1)

سُبْحٰنَ الله! هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو تہ دنيا ۾ انسان جنهن سان محبت ڪندو آهي، قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ هوندو. هاڻي غور ڪيو! ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو ۞ جيڪي علماءِ ڪرام جي سردار امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سان محبت ڪندا آهن ۞ جيڪي مفتين جي سردار شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سان محبت ڪندا آهن ۞ جيڪي اهلِ سنت جي مٿي جو تاج امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سان محبت ڪندا آهن ۞ جيڪي سيني علماءِ اهل سنت سان محبت ڪندا آهن ۞ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ انهن کي انهن علماء سان گڏ رکندو ۞ انهن سان گڏ حشر بہ ٿيندو ۽ ۞ الله پاڪ چاهيو تہ انهن جي پويان پويان جنت ۾ بہ پهچي ويندا سين.

آل واصحاب سے محبّت ہے | اور سب اولیا سے اُلفت ہے
یہ سب اللہ کی عنایت ہے | مل گئی مصطفےٰ کی اُمّت ہے
غوث وخواجہ کی دِل میں اُلفت ہے | قلب میں عشقِ اعلیٰ حضرت ہے
مرحبا! اپنی خوب قسمت ہے | پیرو مرشد کی دِل میں چاہت ہے(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! | صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شارح بخاري رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه سان اوهان جي محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن اسان ٻڌو تہ اوهان دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي علماءِ اهلِ سنت سان تمام گهڻي محبت آهي، پاڻ انهن جي عزت ۽ تعظيم ۾ ڪا بہ ڪمي اچڻ نہ ڏيندا آهن.

جيئن تہ هڪ ڀيرو اوهان کي حضرت فقيهہِ اعظم هند حضرت علامه مولانا

---

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:135۔

2...وسائلِ بخشش،صفحہ:684۔

مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪراچي تشريف ڪٽي اچڻ جي خبر پئي، جيئن تہ ڪين علماءِ اهلِ سنت سان محبت آهي، لهٰذا جتي حضرت جلوه فرما ٿيا هئا، فوراً اتي پهتا ۽ انهن رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه سان ملاقات فرمائي، جيسيتائين پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حضرت شارح بخاري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضر رهيا، دوزانو يعني گوڏن ڀر ويهي مودبانہ انداز اختيار ڪيائون.

پوءِ حضرت شارح بخاري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي گهر ڏينهن جو تشريف فرما ٿيا تہ اهو منظر بہ ڏسڻ وٽان هو. پاڻ ۽ اتي موجود اسلامي ڀائرن انهن جي قدم بوسي جي سعادت حاصل ڪئي. شارح بخاري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ۽ انهن سان گڏ آيل علماءِ اهلِ سنت کي پنهنجن هٿن سان ڪاڏو پيش ڪيائون ۽ جڏهن موڪلائڻ جو وقت آيو تہ تعظيمِ علماء ۾ پيرين اگهاڙي گهر کان ٻاهر گاڏي تائين انهن کي ڇڏڻ آيا.

عطرِ سُنّت بانٹتا ہے اے مرے عطار تو
اہلسنت کے لئے ہے صاحِبِ شاہکار تُو

ساری دُنیا کے کناروں سے صدا آنے لگی
بن چکا ہے عاشقوں کا قافلہ سالار تُو

اَہلِ شَر غوغا کریں، اَہلِ سُنَن کو غم نہیں
فتنۂ باطِل کی رہ میں بن گیا دِیوار تُو

بدرؔ نے اس عہد میں دیکھا نہ تجھ سا دُوسرا
تُو دھنی ہے قول کا اور صاحِبِ کردار تُو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسلاف جي علماء سان محبت

اي عاشقان امير اهل سنت! اميرِ اهلسُنت جي علماءِ ڪرام سان ايتري قدر محبت اسان جي اڳين بزرگن جي عادت جي عين مطابق آهي. اللّٰہ وارن جو شروع کان ئي اهو طريقو رهيو آهي تہ اهي اهلِ علم سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا ۞ ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا امام اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي علم ۽ اهل علم سان تمام گهڻي محبت هئي، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي

باري ۾ منقول آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪمائي مان محدثين ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِم جون ضرورتون پوريون فرمائيندا هئا، انهن جي گهر جو خرچ پاڻ ڪٽندا هئا، ڪجهہ علماء ۾ نقد رقم ورهائيندا هئا تہ جيئن اهي پنهنجون ضرورتون پاڻ پوريون ڪري سگهن.(1) ۞ حضرت عبد الله بن مبارڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه بہ اهلِ علم سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا تہ مان واپار صرف ان ڪري ڪندو آهيان تہ جيئن ان جي ذريعي عالمن جي خدمت ڪري سگهان، هڪ دفعي حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي محبت جي سبب سان فرمايائون: لَوۡلَاكَ وَاَصۡحَابُكَ مَا اتَّجَرۡتُ يعني جيڪڏهن توهان ۽ توهان جا شاگرد نہ هجن ها تہ آئون ڪڏهن بہ واپار نہ ڪيان ها.(2) ۞ حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه اهل علم لاءِ بيت المال مان وظيفا مقرر ڪري ڇڏيا هئا.(3)

الله پاڪ انهن حضرات جي صدقي اسان کي بہ علماء جي محبت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مان پاڻ حاضر ٿي وڃان ها

امير اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي علماءِ ڪرام سان محبت جو هڪ ٻيو واقعو ٻڌو! هڪ ڀيرو سنڌ جي شهر ٺٽي ۾ عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو تشريف کڻي ويو، جنهن ۾ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جو هڪ رڪن بہ شامل هو. رڪن شوريٰ اتي حضرت مولانا ابو السراج طفيل احمد ٺٽوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سان ملاقات ڪئي ۽ کين اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، جنهن کي قبول ڪندي انهن اجتماع ۾ يقيني شرڪت ڪرڻ سان

1... مناقب امام اعظم ، جدزا، صفحه:262۔

2... صفة الصفوه، 126/2۔

3... تاريخ دمشق، 320/46۔

گڏوگڏ قافلي ۾ سفر ۾ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ملاقات جي تمنا جو بہ اظهار ڪيو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه حضرت عبد الله شاهہ اصحابي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار جي مسجد جا خطيب، هڪ سني جامعہ جا مفتي ۽ شيخ الحديث هئڻ جي باوجود امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا طالب بہ ٿي ويا.

جڏهن پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ملاقات لاءِ تشريف ڪٽي آيا تہ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن جي تعظيم ۾ انهن جي دست بوسي بہ ڪئي ۽ فرمايائون: ”مان تہ پاڻ اوهان سان ملڻ جو خواهشمند هئس، اوهان مون کي حڪم ڪيو ها مان پاڻ اوهان وٽ حاضر ٿي وڃان ها.

الله اڪبر! ڪهڙو نہ عاجزيءَ وارو انداز آهي..؟ ان کان بہ وڌيڪ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عاجزي جو عالم تہ اهو آهي تہ پاڻ پنهنجن مريد عالمن ۽ مفتين جي بہ عزت ڪندا آهن ۽ انهن سان محبت جو اظهار ڪندا آهن. **مدني مذاڪرن** ۾ انهن جي آمد جو شدت سان انتظار ڪندا آهن، انهن کي پنهنجي پرسان ويهاريندا آهن، مختلف وقتن تي انهن کان **مدني مذاڪرن** ۾ پڇيل مسئلن جي وضاحت وٺندا آهن. بلڪ هڪ ڀيري تہ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي عالمن ۽ مفتيانِ ڪرام جيڪي **اميرِ اهلِ سنت** جا مريد آهن، انهن کي برڪت لاءِ پنهنجي گهر وٺي ويا.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي تہ پوءِ الله پاڪ بہ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي. اسان جا آقا ۽ مولا الله پاڪ جا آخري نبي، مڪي مدني رسولِ هاشمي، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق فرمايو:

مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو الله پاڪ لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلنديون عطا فرمائي ٿو.

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي الله پاڪ اهڙيون بلنديون عطا فرمايون آهن جو...!!

دنیا بھر میں فضلِ ربّ سے چرچے ہیں عطا کے
بڑے بڑے گن گاتے ہیں ان کے ستھرے کردار کے

مفتي اعظم هند خليفه علامه مولانا بدر القادري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

مَسلک کا تو اِمام ہے الیاس قادری
تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری
سنت کی خوشبوؤں سے زمانہ مَہک اٹھا
فیضان تیرا عام ہے الیاس قادری
ہے بدرِؔ رضوی بھی ترے کردار کا اَسیر
اِس کا تجھے سلام ہے الیاس قادری

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## محمود غزنوي تي ڪرم ٿي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! علماء سان محبت ڪرڻ، انهن جي لاءِ عاجزي جو اظهار ڪرڻ، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ رحمت حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. **ڪتابن ۾ لکيل آهي:** سلطان محمود غزنوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي پنهنجي دؤر جا تمام وڏا سلطان ۽ عاشق رسول هئا، پاڻ ٽن ڳالهين جي حقيقت ڄاڻڻ جي جستجو ۾ هئا: (1) پهرين ڳالهه اها هئي ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمان: اَلۡعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الۡاَنۡبِيَاءِ (يعني علماء نبين جا وارث آهن) مان ڪهڙا ماڻهو مراد آهن؟ (2) ٻي ڳالهه اها هئي ته منهنجي والد جو نالو سبڪتگين ئي آهي يا آئون ڪنهن ٻئي جو پٽ آهيان؟ (3) ٽين ڳالهه اها ڄاڻڻ چاهيائون ته مان بخشيو ويندس يا نه؟

هڪ رات سلطان محمود غزنوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي لشڪر سان گڏ وڃي رهيا هئا، هڪ خادم شمعدان (يعني روشني جو سامان) کڻي لشڪر جي اڳيان اڳيان هلي رهيو هو.

روشني پکڙيل ڏسي هڪ شخص ڪتاب کڻي پنهنجي گهر کان ٻاهر آيو ۽

شمعدان جي روشني ۾ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيائين. سلطان دل ۾ سوچيو تہ شايد هي ڪو عالم دين آهي، (سلطان جي اها خوبي هئي تہ پاڻ علم ۽ اهل علم سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا، انهيءَ ڪري) پاڻ ان جي عزت ڪندي لشڪر کي روڪي ڇڏيائون تہ جيئن هو آرام سان شمعدان جي روشني ۾ مطالعو ڪري وٺن، مطالعو ختم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اهو صاحب پنهنجي گهر واپس هليو ويو تہ سلطان پنهنجي لشڪر سميت اتان رخصت ٿي ويو.

ان ئي رات قسمت جو ستارو چمڪي اٿيو. رات جو سُتا تہ نصيب جاڳي پيو، خواب ۾ ٻنهي جهانن جا تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ قربان وڃان! محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ئي جملو ارشاد فرمايو: **اي ناصر الدين سبڪتگين جا پٽ! منهنجي وارث** (عالم دين) **جي خدمت جي ڪري الله پاڪ توکي بخشي ڇڏيو آهي.**[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! اَلْحَمْدُلِله! الله پاڪ جي فضل سان پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زندھ بہ آهن ۽ پنهنجي امت جي احوال بلڪ دلي خيالن کان بہ واقف آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو بہ ڄاڻن پيا تہ محمود غزنوي هڪ عالم دين جي خدمت ڪئي آهي، ان جي لاءِ عاجزي اختيار ڪئي آهي ۽ اهو بہ ڪين معلوم هو تہ محمود غزنوي جي دل ۾ ٽن ڳالهين کي ڄاڻڻ جي جستجو آهي، تنهنڪري هڪ ئي مبارڪ جملي ۾ ٽنهي ڳالهين جو حل ارشاد فرمايائون: (1) فرمايائون: اي سبڪتگين جا پٽ! ان مان سلطان کي معلوم ٿيو تہ آئون واقعي سبڪتگين جو پٽ آهيان. (2) پوءِ فرمايائون: تون منهنجي وارث جي خدمت ڪئي، ان مان انهن کي معلوم ٿي ويو تہ عاشقانِ رسول علماء واقعي انبياءَ جا وارث آهن. (3) پوءِ فرمايائون: الله پاڪ توکي بخشي ڇڏيو آهي، ان مان ڪين معلوم ٿيو تہ هو بخشيا ويا آهن.

---

1... قلادة النحر فی وفيات اعيان الدهر، جلد:3، صفحہ:358بتصرف۔

اُمّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آرہے ہیں، بگڑی بنارہے ہیں

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ اهل علم سان محبت رکڻ ۽ انهن جي عزت افزائي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## شامي عالم سان محبت جو نرالو اظهار

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ڀيرو ملڪ شام مان تشريف کڻي آيل جَامِعَه اَلْمَغْرِبِيَّة دمشق جي مدير (پرنسپال) ۽ سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جا عظيم بزرگ پير طريقت حضرت شيخ رجب دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رهائش گاه تي ملاقات لاءِ تشريف فرما ٿيا. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي جيئن ئي ان جو اطلاع مليو فوراً ٻي منزل تان پيرين اگھاڙي هيٺ تشريف وٺي آيا ۽ دروازي تي وڃي انهن جو استقبال ڪيائون ۽ نهايت مودبانہ انداز سان انهن کي پاڻ سان گڏ مٿي وٺي آيا. ڏسڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويا تہ پندرهين صدي جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، لکين مريدن ۽ متعلقين جن جي راهہ ۾ عقيدت ۽ محبت منجهان نيڻ وڇائيندا آهن انهن شام مان آيل علماء ۽ شيوخ کي مٿانهين جڳهہ تي ويهاريو ۽ پاڻ عاجزي ڪندي زمين تي ويهي رهيا. ويهڻ جو انداز بہ انتهائي مودبانہ ...!! يعني بہ زانو، نظرون جهڪايل.

جڏهن اهي حضرات پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وٽان رخصت ٿيڻ لڳا تہ انتهائي محبت جو اظهار فرمائيندي، پاڻ انهن سان مصافحو ڪيو، ڳلي مليا ۽ ڪين تحفا پيش ڪيائون ۽ پيرين اگھاڙي دروازي تائين ڇڏڻ آيا.

تیری ہر ادا پہ پیارے مجھے کیوں نہ پیار آئے
تو انہی کی راہ پہ لائے جنہیں سب پہ پیار آئے

الله! الله! يقيناً علماء جو قدر اهي ماڻهو ئي ڪندا آهن جن کي الله پاڪ

عقل سليم عطا فرمائيندو آهي ۞ اهي جاڻيندا آهن ته عالم ۽ اڻڄاڻ شخص برابر نه آهن ۞ اهي جاڻيندا آهن ته الله پاڪ علماء کي عام ماڻهن جي مقابلي ۾ بلند درجا عطا فرمايا آهن، ڪيترا بلند؟ ايترا بلند جو حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: علماءِ ڪرام، عام مؤمنن کان ست سؤ درجا بلند هوندا ۽ هر ٻن درجن جي وچ ۾ پنج سؤ سالن جو مفاصلو هوندو ۞ اهي جاڻيندا آهن ته هي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي قرآن ۽ حديث کي چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهن ۞ اهي جاڻيندا آهن ته هي ئي انبياء عليهم السلام جا حقيقي وارث آهن

عالم کی ذات عالم انسانیت کی جاں
عالم کی ذات جوہر خلقت کی ترجماں
عالم کی ذات فہم و تفہیم کا آسماں
عالم کی ذات حکمت معبود کا نشاں
حق ساز و حق شناس کو عالم کہا گیا
اسلام کی اساس کو عالم کہا گیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهل علم تي اعتراض کان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته علماءِ ڪرام جي بارگاهه جو ادب ۽ احترام ڪيون، انهن سان محبت ڪيون، انهن تي اعتراض ڪرڻ سان پاڻ کي بچايون چوته هي حضرات الله پاڪ پسنديده ٻانها آهن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ وَ بِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿۷۹﴾ (پاره:3، سورة ال عمران:79) | ترجمو ڪنزالعرفان: الله وارا ٿي وڃو ڇو ته توهان ڪتاب جي تعليم ڏيندا آهيو ۽ ان لاءِ جو توهان پاڻ به ان کي پڙهندا آهيو. |

يعني جيڪي ماڻهو الله پاڪ جو ڪتاب قرآن ڪريم سيکاريندا آهن ۽ ان جو درس ڏيندا آهن، اهي رباني عالم آهن. سوچيو ته سهي جيڪي الله پاڪ جا خاص ٻانها هجن، جيڪي دين جا وارث هجن، انهن سان محبت ڪرڻ بدران انهن تي تنقيد ڪرڻ، ماڻهن کي انهن کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ انهن جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ ڪيڏو وڏو جرم آهي. الله پاڪ اسان کي علماء سان محبت نصيب فرمائي. مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو فرمان آهي: علم حاصل ڪيو، جيڪڏهن توهان ان کان عاجز آهيو ته علم وارن سان محبت ڪيو ۽ جيڪڏهن انهن سان محبت نه ٿا ڪري سگهو ته انهن سان بغض ۽ نفرت به نه رکو. [1]

مجھ کو اے عطار سُنّی عالموں سے پیار ہے | ان شاءالله دونوں جہاں میں میرا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علماءِ ڪرام کان دعائون ڪرائيندا آهن

امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هڪ وڏي پياري ادا اها به آهي ته پاڻ علماءِ ڪرام جي محبت جي سبب جڏهن انهن جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيندا آهن ته انهن کان خصوصاً دعائون ڪرائيندا آهن، پاڻ هڪ مقام تي فرمايائون ته: سوين نه، بلڪ هزارين عالمن جون دعائون مون سان گڏ آهن.

حضرت غزاليءِ زمان علامه سيد احمد سعيد ڪاظمي شاهه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ڏينهن ۾ حيات هئا، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جڏهن به ملتان شريف تشريف فرما ٿيندا هئا ته سندن بارگاهه ۾ ضرور حاضري ڀريندا هئا ۽ انهن کان خوب دعائون وٺندا هئا.

اي عاشقان رسول! امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

1 ... طبقات کبریٰ، ذکر من جمع القرآن۔۔۔الخ، ج۲، ص۲۷۳۔

جي انهن علماءِ اهل سنت سان محبت فقط الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هئي.

حديث پاڪ جي ڪتاب **ابو داؤد شريف** ۾ مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”بيشڪ الله پاڪ جا ڪجھ ٻانها آهن، اهي نبي بہ ناهن، شهيد بہ ناهن (پر انهن جو شان اهڙو آهي جو) قيامت جي ڏينهن انهن جي مقام ۽ مرتبي کي انبياء ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام ۽ شهيد بہ فخر جي نگاهہ سان ڏسندا.“ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪير آهن؟ فرمايائون: هي اهي ماڻهو آهن، جن جي پاڻ ۾ ڪا رشتيداري (*Relationship*) بہ نہ آهي، پاڻ ۾ ڪا مال جي ڏيتي ليتي بہ نہ آهي، اهي صِرف ۽ صِرف پاڻ ۾ الله پاڪ جي رضا جي خاطر محبت ڪرڻ وارا آهن. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارا آهن، انهن جو ڇا شان آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انهن جون پيشانيون نور سان چمڪي رهيون هونديون، انهن تي نور ڇانيل هوندو ۽ اهي ان وقت بي خوف هوندا، جڏهن ماڻهو خوفزده هوندا، ۽ اهي ان وقت بي غم هوندا، جڏهن ماڻهو غمگين هوندا.2

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مدني گل

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علماءِ ڪرام جي محبت ۽ عزت افزائي ڪرڻ جي ترغيب جا ڪجھ مدني گل ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: ۞ مان علماءِ ڪرام جي تعريف ڪندو رهندس ڪنهن کي سٺو لڳي يا نہ لڳي ۞ منهنجي وصيت

---

1...ابو داؤد،کتاب البیوع،باب فی الرہن،صفحہ:561،حدیث:3527ملتقطًا۔

22 ابو داؤد،کتاب البیوع،باب فی الرہن،صفحہ:561،حدیث:3527۔

۾ نصيحت آهي تہ علماءِ دين جو دامن نہ ڇڏجو، نہ تہ پٽڪي وينڌؤ ۞ علماءِ اهل سنت اسان کي جنت ڏانهن وٺي وينڌا ۞ عالمن کي چئو تہ جڏهن بہ اسان کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ڪن کان پڪڙي اسان جي اصلاح فرمائن ۞ اي علماءِ ڪرام! اسان کي پنهنجن قدمن کان پري نہ ڪيو، اسان اوهان جا آهيون ۞ علماء ۽ مشائخ عوام کان ممتاز هوندا آهن، اهي مقتدا آهن، انهن جي ڳالهہ جو اثر ٿيندو آهي. انهن سان تعلقات قائم ٿي وڃن تہ اهي دعوت اسلامي جي ديني ڪمن ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندا آهن.[1]

مجھ کو اے عطارؔ سُنّی عالِموں سے پیار ہے | اِنْ شَآءَاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## علماءِ اهلِ سنّت جي اميرِ اهلِ سنّت سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو تہ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علماءِ اهلِ سنّت سان ڪيتري محبت فرمائيندا آهن. پر اها محبت اڪطرفي نہ آهي، بلڪ جيئن اميرِ اهلِ سنّت انهن سان محبت فرمائين ٿا، تيئن اهي بہ اميرِ اهلِ سنّت سان محبت ڪندا آهن. ۞ حضرت شارحِ بخاري، مفتي شريفُ الحق امجدي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي انتهائي خوش عقيدو سني، مسلڪِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو سختي سان پابند ماڻهو سمجهان ٿو. ۞ حضرت رئيسُ التحرير، علامہ ارشد القادري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جڏهن عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ آيا تہ خليفہ اميرِ اهلِ سنّت، مولانا حاجي عبيد رضا عطاري مدني دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان پڇيو: پُٽ، ڇا ڪندا آهيو؟ عرض ڪيو: جامعة المدينہ ۾ پڙهندو آهيان. فرمايائون: پُٽ! پڙهو! هر ڪنهن کي توهان جي والد وانگر علمِ لدني ناهي ملندو. ۞ خليفہءِ مفتيِ اعظم هند، حضرت مطيع

[1] امير اہلسنت کی دینی خدمات، صفحہ:325-326 ملتقطاً۔

الرحمٰن رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي عاجزي پريل جملن سان اميرِ اهلِ سنّت سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي فرمايو: مان گنهگار ۽ مولانا الياس قادري صاحب سراپا نيڪوڪار! ۞ حضرت شمسُ الهُديٰ مصباحي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته مبالغو نه ٿيندو ته فيضِ رضا جو نالو آهي: عطّار.[1]

## علماء جي محبت ڪيئن حاصل ٿئي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اميرِ اهلِ سنّت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علماءِ اهلِ سنّت سان محبت ۽ انهن بزرگن جي اميرِ اهلِ سنّت سان محبت جا چند واقعا پڙها. الله پاڪ اسان کي به انهن مبارڪ هستين جي صدقي اهلِ علم جي محبت نصيب فرمائي. اچو! اهلِ علم جي محبت ڪيئن حاصل ڪجي؟ ان حوالي سان چند ڳالهيون پيش ڪيان ٿو:

تمام آسان آهي! ۞ جيڪي ماڻهو علماء جا محب آهن انهن جي صحبت اختيار ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! علماء جي محبت حاصل ٿيندي ۞ هر هفتي هفتيوار مدني مذاڪرو پابنديءَ سان ڏسڻ جي ترڪيب ڪيو. امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني مذاڪري دوران علماءِ ڪرام ۽ مفتيانِ ڪرام کي پاڻ سان گڏ ويهاريندا آهن، جنهن سان ڏسندڙن کي انهن جي مقام ۽ مرتبي جو اندازو ٿيندو آهي ۽ دل ۾ انهن جي محبت پيدا ٿيندي آهي ۞ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل ڪتاب: **احياء العلوم مترجم، جلد 1** جو مطالعو ڪيو! ۞ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي والد محترم حضرت مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو تمام پيارو رسالو آهي: فَضْلُ الْعِلْمِ وَالْعُلَمَا يعني فيضانِ علم ۽ علماء پڙهو! ۞ مڪتبة المدينه جو هڪ ٻيو رسالو آهي: **علم ۽ علماء جو شان** ان کي پڙهو! ۞ عاشقان رسول سان گڏ قافلن ۾ سفر ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! الله

[1] امير اہلسنت علمائے اہلسنت کی نظر میں، صفحہ:6-12 ملتقطاً۔

پاڪ چاهيو تہ علماء جي محبت، شان ۽ عظمت دل ۾ وڌندي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلِ سنّت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي سيرتِ مبارڪ تي مشتمل بہ انتهائي پيارا رسالا مڪتبةُ المدينہ طرفان شايع ڪيا ويا آهن: (1) تعارف اميرِ اهلِ سنّت (2) فيضَانِ اميرِ اهلِ سنّت
توهان اهي ٻئي رسالا 60 رُپيا / 45 روپيہ ۾ قيمت ڏئي مڪتبةالمدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا. پاڻ بہ انهن رسالن جو مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو! الله پاڪ اسان کي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون برڪتون عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.